# تڪبُّر جو انجام

ؤ مسلمان کي

حقير سمجهڻ جي مذمت

10/19/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تڪبُّر جو انجام ۽ مسلمان کي حقير سمجهڻ جي مذمت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. شامي ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري،ٿوڙي دير ذڪر الله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي سگهي ٿو)

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تقرب نشان آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه (10) رحمتون نازل فرمائي ٿو ۽ جنهن ڏهه (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي سو (100) رحمتون موڪليندو آهي ۽ جنهن سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان

www.dawateislami.net

تي هزار(1000) رحمتون نازل فرمائي ٿو ۽ جنهن هزار(1000) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو تہ مان ۽ هو جنت جي دروازي تي گڏ هونداسين.
(القول البديع،الباب الثانی فی ثواب الصلاۃ… الخ،ص۲۴۱)

دردو آلام میں تسکین انہیں ملتی ہے　　نام ان کا جو مصیبت میں لیا کرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بيٺن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي دُنيا جنهن ۾ اسان سڀ پنهنجي زندگي گذاري رهيا آهيون هي حقيقت ۾ آخرت جي کيتي آهي ۽ زندگي، موت تائين پهچائڻ وارو هڪ سفر آهي، تنهنڪري اسان جو هر چڱو يا بُرو عمل آخرت جي لاءِ ذخيرو ٿي رهيو آهي ۽ اسان جو هر ساهه اسان کي موت جي ويجهو ڪري رهيو آهي. سمجهدار (Wise) انسان اهو ئي آهي جيڪو پنهنجا پساهه الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذاري، آخرت ۾ نفعو ڏيڻ وارا عمل ڪري ۽ نقصان وارن عملن کان پاڻ کي پري رکي. ياد رهي! چوري شراب پيئڻ ۽ بدنگاهي جهڙن ظاهري گُناهن کان بچڻ سان گڏوگڏ باطني گُناهن جي معلومات ۽ انهن کان بچڻ بہ ضروري آهي. باطني گناهن مان مراد اهي گناهه آهن جنهن جو تعلق دل سان آهي مثال طور بُغض ۽ عداوت، حسد، رياڪاري ۽ خودپسندي وغيره، هنن گُناهن کي سڃاڻڻ ٿورو مشڪل آهي، ان ڪري انهن کان بچڻ بہ دُشوار آهي، انهن باطني گُناهن مان هڪ انتهائي خطرناڪ گُناهه "تڪبُّر" (Arrogance) بہ آهي، تڪبُّر هڪ اهڙو مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪندڙ) مرض آهي جيڪو ڪئي بُرائين کي پاڻ سان گڏ ڪٺي اچي ٿو ۽ گهڻين ڀلائين کان ماڻهو کي محروم ڪندو آهي. حجة الاسلام حضرتِ سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مغرور شخص جيڪي ڪجهه پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ پسند نٿو ڪري سگهي، اهڙو شخص عاجزي تي بہ قادر ناهي هوندو، جيڪا تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي جڙ آهي، ڪينو بہ نٿو ڇڏي سگهي، پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان ڪوڙي عزت جي ڪري غصو نٿو ڇڏي سگهي، حسد کان نٿو بچي سگهي، ڪنهن جي خير خواهي نٿو ڪري سگهي، ٻين جي نصيحت قبول ڪرڻ کان محروم رهي ٿو، ماڻهن جي غيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي مطلب تہ متڪبر ماڻهو پنهنجو ڀرم رکڻ جي لاءِ هر برائي ڪرڻ تي مجبور ۽ هر سٺي ڪم ڪرڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي."

(احياء العلوم، ڪتاب ذم الڪبرو العجب، باب بيان حقيقة الڪبر و آفته،۳/۴۲۳ج۳،ص ۴۲۳ملخصًا)

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ پنهنجي اندر

www.dawateislami.net

عاجزي پيدا ڪريون ۽ تڪبُّر جهڙي بُري آفت کان پنهنجو پاڻ کي گهڻو پري رکون، اڄ جي هن بيان ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان تڪبُّر جي انجام ۽ ڪنهن مسلمان کي حقير سمجھڻ جي مذمت جي باري ۾ ٻڌنداسين. اچو سڀ کان پهريان هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون تا تہ اسان جا بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين تڪبُّر کي ڪيتري قدر ناپسند ڪندا هئا

## تڪبُّر سبب اعليٰ حضرت جي ناپسنديدگي

خليفہ اعليٰ حضرت مولانا سيد ايوب علي رضوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي هڪ صاحب جنهن جو نالو مون کي ياد ناهي، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مجدد دين و ملت، حضرتِ علامہ مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ ڪڏهن ڪڏهن انهن وٽ تشريف وٺي ويندا هئا. هڪ ڀيري حضور (اعليٰ حضرت) انهن وٽ تشريف فرما هئا تہ انهن جي پاڙي جو ويچارو هڪ غريب مسلمان اچي ٽٽل پراڻي کٽ تي جيڪا اڱڻ جي هڪ پاسي تي رکيل هئي ڊڄندي وينو ئي هو جو ان صاحب ڪاوڙ مان ان ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو، ايستائين جو هو شرم وچان ڪنڌ جهڪائي اُٿي هليو ويو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي گهر جي مالڪ جي ان مغرورانہ طور طريقي تي سخت تڪليف پهتي، پر ڪجھ نہ فرمايائون، ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ اُهي پاڻ (اعليٰ حضرت) وٽ آيا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پنهنجي کٽ تي جڳهہ ڏني، اُهي وينا ئي هئا تہ ايتري ۾ ڪريم بخش نالي حجم حضور (اعليٰ حضرت) جي حجامت جي لاءِ آيا، اُهي ان فڪر ۾ هئا تہ ڪِٿي ويهان؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: "ياءُ ڪريم بخش! ڇو بيٺا آهيو؟ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن"۽ اُن صاحب جي برابر ۾ ويهڻ جو اشارو فرمايو، اُهي ويهي رهيا، پوءِ اُن صاحب جي غُصي جي اها ڪيفيت هئي جو جيئن نانگ شوڪارا هڻندو آهي، اُهو هڪدم اُٿي هليو ويو، وري ڪڏهن نہ آيو، معمول جي خلاف جڏهن ڪجھ

عرصو گذريو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: هاڻي فُلان صاحب تشريف ڪٽي نٽو اچي! پوءِ پاڻ ئي فرمايائون: آئون بہ اهڙي شخص سان ملڻ نٽو چاهيان. (حياتِ اعلیٰ حضرت،۱/۱۰۵ ملخصاً)

تُونے باطل کو مِٹا کر دِین کو بخشی جِلا
سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمدرضا
(وسائل بخشش مرمم ،۵۲۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان ڪجھ مدني گل حاصل ٿيا: (1) جنهن جي دل ۾ تڪبُّر هوندو آهي، هو غريب يا عام ماڻهن کي پاڻ سان گڏ ويهڻ لائق ناهي سمجهندو (2) غرور ۽ تڪبُّر ڪندڙ شخص تي نصيحت جو اثر ٿيڻ نهايت ئي مشڪل آهي ۽ هو پنهنجي تڪبُّر جي سبب ڪڏهن ڪڏهن نيڪ ماڻهن جي صحبت کان بہ محروم ٿي ويندو آهي. جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن تڪبُّر ڪرڻ واري جي ويجهو هڪ حجم (Barber) کي ويهاريو تہ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ اهڙي نموني اشارة مُتڪبُّر شخص کي تڪبُّر ڪرڻ ۽ مسلمان کي ڪمتر سمجهڻ کان پاسو ڪرڻ جي نصيحت ڪرڻ چاهي تہ ان شخص نصيحت قبول ڪرڻ بدران اتان اٿي هليو ويو۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جهڙي ولي الله جي صحبت کان محروم ٿي ويو، (3) تڪبُّر ڪرڻ ۽ ڪنهن مسلمان کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسڻ اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين وٽ گهڻو ناپسنديده عمل هو، اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن ان مُتڪبّر شخص اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: مان بہ اهڙي شخص کان ملڻ نٽو چاهيان، (4) الله عَزَّ وَجَلَّ جا نيڪ ۽ برگزيده ٻانها امير ۽ غريب، اچي يا ڪاري، حرفت (دستڪاري) ۽ پيشي (Professions) ۽ ذات پات جو لحاظ ڪرڻ بغير تمام مسلمانن سان اُخوّت

www.dawateislami.net

۽ پائيپي جو سلوڪ ڪندا هئا ۽ هر مسلمان کي عزت جي نگاھ سان ڏسندا هئا، اهو ئي سبب آهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جھڙي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت هڪ حجم کي پنهنجي ڪٽ تي ويهارڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ڪيو. اهڙي طرح جي عاجزي ۽ انڪساري سان ڀرپور حسنِ سلوڪ بابت هڪ واقعو محدّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه جو بہ آهي.

## ڳوٺاڻن ڪي هيٺ نہ ويهڻ ڏنو

مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا محمد سردار احمد چشتي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ بہ ڳوناڻا هڪ مسئلو پڇڻ جي لاءِ حاضر ٿيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اُن وقت ڪٽ تي وينا هئا، ڳوناڻن سندن علمي مرتبي جو لحاظ ڪندي زمين تي ويهڻ چاهيو پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن عاجزي ڪندي انهن ڳوناڻن کي زور ڀريو نہ صرف انهن کي ڪٽ تي ويهاريو بلڪ پنهنجي ڪٽ جي سيراندي ڏانهن ويهاريو. حڪم جي تعميل ڪندي انهن کي سندن سان گڏ ويهڻو پيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِتَعَالٰىعَلَيْه جن انهن جي مسئلي جو جواب عنايت فرمايو. (حيات محدّث اعظم، ص١٩٣ بتغير قليل)

آپ کے اخلاق تھے ، خلقِ عظیم مصطفیٰ کیا مبارک آپ کے کردار تھے شیخ الحدیث
تھے مبلغ آپ تکریمِ شہ لولاک کے واصفِ اصحاب اور انصار تھے شیخ الحدیث
(حیاتِ محدث اعظم ،ص۴۰۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀڏو اوهان تہ الله وارن جو اخلاق ڪيتري قدر بلند هوندو هو جو هو پنهنجي علم ۽ عمل، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ سٺن وصفن جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مقرّب، ماڻهن جي نظر ۾ معزَّز ۽ مخلوقِ خدا کان حقيقت ۾ افضل هئڻ جي باوجود بہ پاڻ کي ٻين کان افضل سمجھڻ بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندا هئا جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ محدّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ اسان ڀڏو تہ انهن پاڻ وٽ ايندڙ عام

www.dawateislami.net

ماڻهن جي بہ عزّت افزائي فرمائي بلڪ محدّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تہ ڳوٺاڻن کي پنهنجي کٽ جي سيراندي وارِي پاسي ويهاريو،جنهن ۾ پيراندي ڏانهن ويهارڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ عزّت افزائي آهي، يقيناً هنن حضرات کي خبر هئي تہ ڪنهن کان افضل هئڻ ۾ ۽پنهنجي پاڻ کي ڪنهن کان افضل سمجهڻ ۾ وڏو فرق آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان مال ۽ منال، حُسن ۽ جمال يا علم ۽ ڪمال وغيره ۾ڪنهن کان افضل هئڻ بُرو ناهي پر تڪبُّر ڪندي پنهنجو پاڻ کي ڪنهن مسلمان کان افضل سمجهڻ نهايت بُرو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ هنن مبارَڪ هستين جي نقشِ قدم تي هلندي رِضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪريون ۽ تڪبُّر کان بچون، عاجزي ۾ دُنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون ئي ڀلائيون آهن ۽ تڪبُّر ۾ نقصان ئي نقصان آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ جنهن درجي جي عاجزي ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي انهيءَ درجي بلند ڪندو آهي ايستائين جو ان کي اعليٰ عِلّيين (سڀ کان بلند درجي) ۾ ڪندو آهي ۽ جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي مقابلي ۾ جنهن درجي جو تڪبُّر ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي انهيءَ درجي ڪرائيندو آهي ايستائين جو ان کي اَسفَلُ السّافِلين (سڀ کان هيٺ درجي) ۾ ڪري ڇڏيندو آهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان،ڪتاب الحظر و الاباحة، باب التواضع والڪبر والعجب، ۴۷۵/۷، حديث: ۵۶۴۹) اهڙي طرح هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي:جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ وٽ عاجزي اختيار ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بلندي عطا فرمائيندو ۽ جيڪو ان جي اڳيان پنهنجي وڏائي جو اظهار ڪندو الله عَزَّوَجَلَّان کي رُسوا ڪندو.
(المعجم الاوسط ،باب الف ،۵/ ۳۹۰،حديث:۷۷۱۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن حديثن مبارڪن ۾پنهنجو پاڻ کي افضل ۽ بهتر سمجهڻ وارن جي لاءِ ڪِٽتي جوڳي ڳالهہ آهي تہ جيڪو شخص تڪبُّر سبب الله عَزَّ وَجَلَّ وٽ ذليل ۽ رُسوا هجي، ان جي دُنياوي عزّت ۽ وقار يقيناً ڪنهن ڪم جو

www.dawateislami.net

ناهي چو تہ حقيقي عزّت ۽ وقار تہ اهو ئي آهي تہ بانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري ۽ ان جي بارگاهہ ۾ معزّز ۽ مڪرَّم ٿي وڃي. اچو! عاجزي اختيار ڪرڻ ۽ تڪبُّر جي هلاڪت خيزين کان بچڻ جو جذبو پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ تڪبُّر جي مذمت جي باري ۾ 4 فرمانِ خداوندي ٻڌون ٿا:

جيئن سيپارو 14سُوْرَۃُ نَحْل آيت نمبر 23 ۾ ربّ ڪائنات جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِیْنَ ﴿۲۳﴾ (پ 14 سُورَة النَّحلِ 23)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري.

سيپارو 24سُوْرَۃُ مؤمنآيت نمبر35 ۾ رَبُّ العلمين عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

كَذٰلِكَ یَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اللّٰه ايئن ئي ٺپو هڻي ٿو متڪبّر سرڪش جي سموري دل تي.

سيپارو 24 سُوْرَۃُ مؤمنآيت نمبر 60 ۾ خداءِ جبارّ ۽ قهار ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ یَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِیْ سَیَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِیْنَ ﴿۶۰﴾ (پ۲۴، المؤمن:۶۰)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي منهنجي عبادت کان وڏائي ڪن ٿا عنقريب جهنم ۾ داخل ٿيندا ذليل ٿي ڪري.

سيپارو 9 سُوْرَۃُ اَعْراف آيت نمبر146 ۾ فرمانِ رَبُّ العباد آهي:

سَاَصْرِفُ عَنْ اٰیٰتِیَ الَّذِیْنَ یَتَكَبَّرُوْنَ فِی الْاَرْضِ بِغَیْرِ الْحَقِّؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مان پنهنجِي آيتُن کان اُنهن جو مُنهن موڙِيندس جيڪِي زمين ۾ ناحق پنهنجِي وڏائِي چاهِن ٿا

مُفَسِّرِقرآن حضرت سيدُنا ابنِ جُرَيج رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه هن آخري آيت جي باري ۾ فرمائن ٿا: هن جو مطلب هي آهي تہ تڪبُّر ڪرڻ وارا نہ قرآني آيتن ۾ غور ۽

www.dawateislami.net

فڪر ڪري سگهندا نہ انهن کان عِبرت حاصل ڪري سگهندا.
(احياء العلوم، كتاب ذم الكبرو العجب، باب بيان حقيقة الكبر و آفته،۴۲۳/۳مفهوما)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ ٻانهن جي حق ۾ تڪبُّر ڪيتري قدر هلاڪ ڪندڙ خصلت آهي جو تڪبُّر ڪرڻ وارا اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ناپسنديده ٻانها آهن، اهڙن بد نصيبن جي دلين تي اللہ عَزَّوَجَلَّ مهر لڳائيندو آهي، تڪبُّر ڪرڻ وارا قرآني آيتن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ان مان عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندا آهن ۽ اهڙا بد بخت ذليل ۽ رُسوا ٿي جهنم (Hell) ۾ ويندا. اَلْاَمَانوَالْحَفِيظ

بد قسمتي سان ايتري قدر وعيدن جي باوجود بہ ڪي نادان ماڻهو غرور ۽ تڪبُّر جي نشي ۾ ايتري قدر بدمست رهندا آهن جو غريبن، فقيرن، مسڪينن، يتيمن، اهڙي طرح دِيني يا دُنيوي اعتبار سان پاڻ کان گهٽ رتبي وارن جي عزّت ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ يا انهن جي سلام جو جواب ڏيڻ، انهن سان پاڻ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ، انهن وٽ ويهڻ يا انهن کي پاڻ سان گڏ ويهارڻ، انهن وٽ ڪنهن تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ يا انهن کي پنهنجي ڪنهن تقريب ۾ دعوت ڏيڻ، انهن کان غلطي ٿيڻ تي عفو ۽ درگذر ڪرڻ، انهن سان گڏ ويهي ماني کائڻ يا پاڻ سان گڏ ويهاري ڪارائڻ، انهن سان تعلق (Relations) قائم رکڻ ۽ انهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وغيره پنهنجي شان جي خلاف سمجهن ٿا. بالفرض ڪو دردمند مسلمان انهن کي بُرائي ۾ مبتلا ڏسي نصيحت ڪري يا غلطي سان ڪنهن مسلمان جي زبان مان ان جي شان جي خلاف ڪا ڳالهہ نڪري وڃي تہ ان ويچاري جي تہ شامت ئي اچي ويندي آهي ۽ ان کي سيني اڳيان ٻڇڙو ڪيو ويندو آهي مثال طور مون کي نٿو سڃاڻين مان ڪير آهيان؟ تنهنجي همت ڪيئن ٿي، منهنجي اڳيان وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي؟ ٿوري پنهنجي اوقات تہ ڏس! ٻن ٽڪن جو ناهي ۽ مون کي نصيحت ڪرڻ هليو آهي ، ٻن منٽن ۾ چنيءَ

www.dawateislami.net

جو ڪير ياد ڏياريندوسانء، هڪ ٿف هٽدوسان تہ ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳندا! وغيره وغيره. ياد رکو! دولت ۽ وزارت،عهدو ۽ منصب، صحت ۽ طاقت، ذات پات، رعب ۽ دبدبو وغيره سيئي عارضي ۽ فاني آهن تنهنڪري ان شين جي گهمنڊ ۾ مبتلا ٿي مسلمانن کي حقير سمجهڻ وارن کي گهرجي تہ اهي غرور ۽ تڪبُّر جون آفتون پنهنجي پيشِ نظر رکن ۽ عاجزي ۽ انڪساري اپنائيندي مخلوقِ خدا جي همدردي جا جذبا پنهنجي دل ۾ پيدا ڪن نہ تہ ياد رکو! جيڪڏهن تڪبُّر جي سبب جهنم ۾ وڃو ويو تہ خدا جو قسم !جهنم جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو. اچو! غرور ۽ تڪبُّر جي تباھ ڪارين تي مشتمل 4 **فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ ان بُري عادت کان سچي توبہ ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: بد تر(Worst) آهي، اهو شخص جنهن پنهنجو پاڻ کي سنو سمجهيو ۽ تڪبُّر ڪيو ۽ رب تعالٰي کي وساري ڇڏيو. (سنن الترمذی ، کتاب صفة القيامة،۴/ ۲۰۳، حديث:۲۴۵۶)

2. ارشاد فرمايائون: بيشڪ جهنّم ۾ هڪ هنڌ آهي جنهن ۾ تڪبُّر ڪرڻ وارن کي وجهي مٿان کان بند ڪيو ويندو. (مساوی الاخلاق للخرائطی ، باب ماجاء فی ذم العجب والكبر...الخ ، ص ۲۳۴، حديث : ۵۷۷)

3. ارشاد فرمايائون تہ قيامت جي ڏينهن مغرورن کي انساني شڪلين ۾ ڪِولين وانگر اُٽاريو ويندو، هر ننڍي کان ننڍي شيء انهن تي غالب اچي ويندي، انهن کي جهنم جي قيد خاني ڏانهن ڌڪيو ويندو جنهن کي”بُولس“چيو ويندوآهي، اتي هڪ تمام وڏي باھ انهن کي پنهنجي وَڪَڙ ۾ وٺندي (ايترو ئي نہ بلڪ) ، انهن کي ”طِيْنَةَ الْخَبَّال“يعني دوزخين جي پونء پياري ويندي. (مسندللامام احمد بن حنبل، مسند عبدالله بن عمروبن العاص، ۲/ ۵۹۶، حديث:۶۶۸۹)

4. ارشاد فرمايائون تہ جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو بہ ايمان هوندو

www.dawateislami.net

هو جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو تڪبُّر هوندو اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. (مسلم، کتاب الایمان،باب تحریم الکبروبیانہ،ص ۶۱،حدیث: ۲۶۶)

حضرت علّامہ مُلّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه لکن ٿا: جنّت ۾ داخل نہ ٿيڻ مان مراد هي آهي تہ تڪبر سان گڏ ڪو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو بلڪ تڪبر ۽ هر بُري خصلت کان عذاب ڀڳتڻ جي ذريعي، يا الله تعالیٰ جي عفو ۽ ڪرم سان پاڪ ۽ صاف ٿي جنت ۾ داخل ٿيندو. (مرقاۃ المفاتیح،کتاب الآداب، باب الغضب والکبر،ج۸،ص۸۲۹،۸۲۸)

اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه غُلامانِ رسول کي سمجهائيندي ۽ نيڪي جي دعوت کان مالا مال مدني گل عطا فرمائيندي پنهنجي مجموعہ ڪلام "وسائلِ بخشش" ۾ فرمائن ٿا:

خوب انساں کو کرتی ہے رُسوا     جب زباں بے لگام ہوتی ہے
گر تکبُّر ہو دِل میں ذرّہ بھر     سُن لو جنّت حرام ہوتی ہے
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 495)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ تڪبُّر ڪيتري قدر هلاڪت خيز بيماري آهي جو جنهن بدنصيب کي اها بيماري لڳي وڃي ان کي تباهي ۽ بربادي جي چوراهي تي آڻي ۽ نيٺ ان کي جهنم جو حقدار بڻائيندي آهي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آ هي تہ اسان پنهنجي ڪمزور بدن تي رحم ڪريون ۽ جهنم جي تباه ڪارين کان پنهنجو پاڻ کي ڏيڄاريو، جڏهن بہ نفس ۽ شيطان ڪنهن مسلمان کي حقير سمجهڻ ۽ غرور ۽ تڪبُّر جو مظاهرو ڪرڻ

www.dawateislami.net

تي اُياري ته انسان کي پنهنجي ماضي، پنهنجي اوقات ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطائن تي غور ڪرڻ گهرجي ته اڳ ۾ مان به ڦُلاڻي ڦُلاڻي نعمت ۽ خوبي کان محروم هئس، منهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو مون تي فضل ٿيو ۽ ان مون جهڙي ناچيز کي پنهنجن نعمتن ۽ بي پناه خوبين سان خوشحال ڪيو پر هنن نعمتن ۽ خوبين جو شڪر ڪرڻ بدران مان ان جي نافرماني ڪندي گهمنڊ ۽ تڪبُّر جي گناه ۾ مبتلا آهيان، ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي بي حسي ۽ ناشڪري جي سبب اهي نعمتون مون کان کسجي وڃن ۽ جنهن کي مان حقير سمجهي رهيو آهيان ان کي ڏنيون وڃن، اچو! هن بار ۾ به (2) انتهائي فڪر انگيز حڪايتون ٻڌون ٿا :

## پنهنجي اوقات يادرکندو آهيان

اياز سلطان محمود غزنوي جو هڪ ادنيٰ غلام هو پوءِ ترقي ڪندي ڪندي اُن جو محبوب ترين وزير بڻجي ويو. اياز جون ڪاميابيون حاسد درٻارين کي بلڪل به نه وڻنديون هيون. اُهي موقعي جي تلاش ۾ رهندا هئا ته ڪنهن طرح اياز کي محمود جي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏين، آخرڪار انهن کي هڪ موقعو ملي ئي ويو، ٿيو ائين جو اياز جو معمول هوندو هو ته روزانو مخصوص وقت ۾ هڪ ڪمري ۾ هليو ويندو هو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ واپس اچي ويندو هو. درٻارين محمود جا ڪَن ڀرڻ شروع ڪيا ته ضرور اياز شاهي خزاني مان خيانت ڪري مال گڏ ڪيو آهي، جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ خاص ڪمري ۾ وڃي ٿو، هو ان ڪمري کي تالو لڳائي رکندو آهي ۽ ڪنهن ٻئي کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي ڏيندو. محمود کي باوجود ان جي جو اياز تي مڪمل ڀروسو هو پر درٻارين کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هڪ وزير کي چيو ته ان ڪمري جو تالو ٽوڙيو، اُتي جيڪي ڪجهه ملي اهو توهان جو آهي. وزير ۽ ٻيا درٻاري خوشي خوشي اياز جي ڪمري ۾ وڃي گِهڙيا، پر هي ڇا! اُتي هڪ پراڻو، ڦاٽل ڦِريل لباس ۽

www.dawateislami.net

چپلن کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ھو، درباري حيران ٿي ويا، محمود اياز کان انھن ڪپڙن ۽ چپلن جي باري ۾ پڇيو تہ ان ٻڌايو تہ اھي منھنجي غلامي جي دؤر جون نشانيون آھن جن کي ڏسي آئون پنھنجي اصليّت ياد رکندو آھيان۽ پاڻ کي موجوده عروج تي تڪبُّر ۾ مبتلا ٿيڻ ناھيان ڏيندو، اِھو ٻُڌي محمود پنھنجي وفادار خادم اياز کان ويتر وڌيڪ متاثر ٿيو ۽ درباري ڏاڍو شرمنده ٿيا. (تڪبُّر،ص٦٥)

ديدے يا ربّ مجھ کو وفا دَر نہ چھوٹے مرشِد کا

لب پہ رہے بس یہ ہی صدا پِیر میرا پیارا پِیر میرا

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ ٻڌو اوھان تہ جيڪو ماڻھو پنھنجي اوقات ياد رکن ٿا ۽ منصب ۽ مرتبو ملڻ جي باوجود پنھنجو پاڻ کي وڏو نٿا سمجھن ۽ تڪبُّر کان پنھنجو دامن بچائن ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ انھن جي مقام ۽ مرتبي ۾ مزيد اضافو ڪندو آھي اچو! ھاڻي ھڪ اھڙي شخص جو ھنيئون ڏاريندڙ واقعو ٻڌون ٿا، جنھن سان گھمنڊ ۽ غرور سبب نعمتون ڪسجي ويون.

## فقير کي ڌڪارڻ وارو پاڻ فقير بڻجي ويو

ھڪ مصيبت زده فقير ھڪ مالدار (Rich man) شخص اڳيان پنھنجي حاجت جو اظھار ڪيو پر مالدار شخص فرياد ٻڌڻ بدران اُلٽو ان کي زبان جا تير ھڻڻ شروع ڪري ڇڏيا ۽ ان کي خوب ذليل ڪيو. فقير جي دل خون خون ٿي وئي ۽ جذبات ۾ ھڪ آہ ڪڍي چيائين: توھان جي ڪاوڙ جو سبب شايد ھي آھي تہ توھان کي خيرات گھرڻ جي ذِلّت جو احساس ناھي. ھي جُملو ٻڌي مالدار شخص ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ فقير کي غلام جي ذريعي ڌڪا ڏياري ٻاھر ڪيرائي ڇڏيو. خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو اھو غرور ڪرڻ وارو مالدار ڪجھ عرصي کان پوءِ ڪنگال ۽ محتاج ٿي ويو. دوست، رشتيدار ۽ غلام ۽ نوڪر سڀ ڇڏي ويا ۽ ھي شخص روڊ

www.dawateislami.net

تي اچي ويو. جنهن غلام فقير کي پنهنجي آقا جي حڪم سان ڌڪا ڏئي ڪڍيو هو ان کي هڪ نئين مالدار آقا خريدي ورتو. هي آقا نهايت نرم دل، فرياد ٻڌڻ وارو ۽ مهربان هو، غريبن، فقيرن جي مدد ڪرڻ کان وڌيڪ ان کي ڪنهن شيء ۾ خوشي محسوس نہ ٿيندي هئي. اهو ئي سبب هو جو هر وقت ان جي دروازي تي فقيرن جي رش لڳل رهندي هئي. هڪ رات ڪنهن فقير ان جي دروازي تي صدا لڳائي، غلام فقير جي مدد ڪرڻ جي نيت سان جيئن ئي دروازو کوليو، ان کان رڙ نڪري پئي ڇوتہ سامهون مَوجُود فقير کو ٻيو نہ ان جو پُراڻو آقا هو، پنهنجي پراڻي آقا جي اها حالت ڏسي غلام جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ ان جي مدد ڪري پنهنجي موجوده آقا وٽ هليو ويو. آقا جڏهن غلام کي اُداس ڏٺو پڇيو: ڇا ڪنهن تو کي ڪا تڪليف پهچائي آهي؟ اهو ٻڌي غُلام پنهنجي پُراڻي آقا جي حال کان ان کي آگاهہ ڪيو، سڄي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ آقا چيو: مان ئي اهو فقير آهيان، جنهن کي ان ڌڪا ڏياري ڪيرائي ڇڏيو هو ۽ اڄ ڏسو تہ وقت ڪيئن بدليو جو قدرت ان کي منهنجي ئي دروازي تي خيرات گهرڻ جي لاءِ بيهاري ڇڏيو. (بوستان سعدی ، باب دوم در احسان ، ص۸۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي حڪايت عقلمندن جي لاءِ واقعي زبردست عبرت جو مقام آهي تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مال ۽ دولت،حسن ۽ وجاهت يا ڪنهن بہ اعتبار سان اسان کي ٻين تي فضيلت عطا فرمائي آهي تہ اسان کي گهمنڊ ۽ تڪبُّر ۾ مبتلا ٿي ٻين کي حقير سمجهندي انهن جو مذاق اُڏائڻ، ڌڪارڻ ۽ اُنهن کي ذليل ڪرڻ بدران هوش سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي نہ تہ ياد رکو الله عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ گهڻي سخت آهي.

فخرو غرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا یاربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا
ایماں پہ ربّ رحمت دیدے تُواستقامت دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو ترِے نبی کا

(وسائل بخشش مرمم،۱۷۸)

www.dawateislami.net

## ڪتاب”تڪبرُّ“جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تڪبُّر کان نجات ۽ ان جي دِيني ۽ دُنيوي هلاڪتن جي معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 97 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”تڪبُّر“ جو مطالعو گهڻو مفيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ تڪبُّر کان بچڻ جي فضيلت، تڪبُّر جا قسم، تڪبُّر جا نُقصان، تڪبُّر جون 19 نشانيون، تڪبُّر جا مختلف انداز، تڪبُّر تي اڀارڻ وارا 8 سبب، تڪبُّر جو علاج ۽ ان کان علاوه ٻين ڪيئي معلوماتي مدني گلن کي انتهائي آسان سبق آموز انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب ڪريو، پاڻ بہ هن ڪتاب جو مُطالعو ڪريو بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ(Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان تاريخ جي ورقن جو مطالعو ڪريون تہ عبرت جا بي شمار نمونا اسان کي نظر ايندا مثال طور ڪوڙ اهڙا ظالم ۽ جابر ماڻهو بہ گذريا آهن جن جو شمار دنيا جي طاقتور ماڻهن ۾ ٿيندو هو، جن وٽ نعمتن جا خزانا موجود هئا، جن جي حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ ڄڻ موت کي دعوت ڏيڻ هو، جيڪي زمين تي آڪڙجي هلندا هئا، جن جي ظلم ۽ جبر جا نہ صرف ڪارناما ٻڌي بلڪ انهن جو نالو ٻڌي ئي ماڻهو ڏڪي ويندا هئا، جيڪي ماڻهن کي ڪجھ بہ نہ سمجهندا هئا، غرض هي تہ انهن جو غرور ۽ تڪبُّر پنهنجي انتها کي پهتل هو، پر شايد اهي ان ڳالھ کان بي پروا هئا تہ

هڪ ڏينهن انهن کي بہ مرڻو آهي ۽ جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي آهي، آخرڪار موت انهن غرور ۽ تڪبُّر وارن کي پنهنجي پڪڙ (Grasp) ۾ وٺي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو، انهن کي بلند ۽ بالا بنگلن مان ڪڍي تنگ ۽ تاريڪ قبر جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيو، انهن جو نالو هميشہ جي لاءِ صفحہ هستي تان مٽائي ڇڏيو ۽ ٻين جي لاءِ نشانِ عبرت بڻائي ڇڏيو. اچو! اهڙي ئي هڪ مغرور بادشاهہ جي موت جي عبرت آموز حڪايت ٻڌو ۽ نصيحت جا مدني گل چُوندي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪريو،

## مغرور بادشاهہ جو موت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "عُيون الحڪايات (حصو بہ)" ۾ آهي: حضرت سيدُنا وَهب بن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ تمام وڏي سلطنت (Kingdom) جي بادشاهہ ارادو ڪيو تہ مان پنهنجي سڄي ملڪ جو گشت ڪندس. پوءِ ان پنهنجو بهترين لباس گهرايو پر هو پسند نہ آيو، پوءِ ان ڪان عمده (سنو) لباس گهرايو، پر پسند نہ آيو. آخرڪار سوين لباسن مان ان کي پنهنجي پسند جو لباس ملي ويو. پوءِ گهوڙا آندا ويا تہ انهن مان ڪو گهوڙو پسند نہ آيو، آخرڪار هزارين گهوڙن مان ان کي پنهنجي پسند جو گهوڙو ملي ويو. هاڻي بادشاهہ وڏي شان ۽ شوڪت سان لشڪر سان گڏ سفر تي روانو ٿيو، واٽ ۾ ابليسِ لعين ورغلايو تہ غرور ۽ تڪبُّر جي آفت ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ آڪڙجي وڏي شاهاڻي انداز سان اڳتي وڌڻ لڳو. غرور ۽ تڪبُّر جي ڪري ماڻهن ڏانهن نظر ڪڍي بہ نہ ڏسندو هو. رستي ۾ هڪ ضعيف ۽ ڪمزور شخص پراڻن ڪپڙن ۾ نظر آيو، ان سلام ڪيو پر بادشاهہ نہ تہ جواب ڏنو نہ ئي ان ڏانهن نهاريو، ان چيو: اي بادشاهہ! مون کي تون سان ضروري ڪم آهي. بادشاهہ ان جي ڳالهہ ٻڌي ڌيان نہ ڏنو. ان اڳتي وڌي گهوڙي جي لگام پڪڙي. بادشاهہ ڪاوڙجي چيو: لگام ڇڏ! تو اهڙي حرڪت ڪئي آهي جو توکان پهريان

www.dawateislami.net

ڪنهن اهڙي جرئت ناهي ڪئي. چيائين: مون کي تون سان وڏو ضروري ڪم آهي. بادشاه چيو: هاڻي تون اسان جو مهمان تي! واپسي تي تنهنجي ڳالهه ٻڌندس. چيائين: هرگز نه! خدا جو قسم! مون کي هينئر توسان ڪم آهي. بادشاه چيو: ٻڌاءِ! ڪهڙو ڪم آهي؟ چيائين: هڪ راز جي ڳالهه آهي، مان چاهيان ٿو ته صرف تو کي ئي خبر پوي، پنهنجو ڪن منهنجي ويجهو ڪر. بادشاه مٿو جهڪايو ته ان چيو: مان مَلَڪ المَوت آهيان، تنهنجو رُوح قبض ڪرڻ آيو آهيان. هي ٻڌندي ئي بادشاه خوف سبب ڏڪڻ لڳو، رنگ اڏامي ويو، ان خوف زده لهجي ۾ چيو: هن وقت مون کي ڪجهه مهلت ڏي ته جيئن مان جنهن ڪم سان نڪتو آهيان ان کي پورو ڪيان پوءِ تون جيڪو چاهين ڪجان. مَلَڪ المَوت عَلَيه السَّلَام چيائين: الله جو قسم! تون پنهنجي سلطنت کي هاڻي ڪڏهن به نه ڏسي سگهندين. بادشاه منٿون ڪندي چيائين: چڱو! مون کي منهنجي گهر وارن وٽ ئي وڃڻ جي مهلت ڏي. مَلَڪ المَوت عَلَيه السَّلَام فرمايائون: هرگز نه، خدا جو قسم! هاڻي تون ڪڏهن به پنهنجي اهل ۽ عيال (Family) سان نه ملي سگهندين. هي چئي ان جو رُوح قبض ڪيو ۽ ان جو بي جان جسم گهوڙي تان زمين تي ڪري پيو. (عيون الحكايات ،حصه دوم،ص۳۷۵)

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورهِ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ هنن مبارڪ آيتن، احاديثِ ڪريمہ ۽ عبرت ۽ نصيحت جي مدني گلن سان مالا مال حڪايتن مان عبرت حاصل ڪريون ۽ غرور ۽ تڪبُّر ۽ ان جهڙين ٻين باطني بيمارين کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، جتي سني صحبت حاصل هئڻ سان گڏوگڏ مدني تربيت جا گهڻا موقعا بہ ملندا رهندا آهن، ان جي علاوه 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دَوره“ بہ آهي، جنهن جي ذريعي گهر گهر، دُڪان دُڪان ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي.سُنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن جي جدول ۾ تہ روزانو بعد نمازِ عصر”مدني دَوره“ جي ترڪيب هوندي آهي، ان جي علاوه عَلائقن، حلقن ۾ هفتيوار هي مدني ڪم تنظيمي طور تي طئي ٿيل آهي. ڪيئي خوش نصيب عاشقانِ رسول هفتي ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا بہ ”مدني دَوره“ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا، ”مدني دَوره“ گهڻو ئي اهم مدني ڪم آهي، ڇو تہ هن مدني ڪم جي ذريعي مسجدون آباد ٿين ٿيون، ”مدني دَوره“ نيڪي جي دعوت جي فضيلت ماڻڻ جو بهترين ذريعو آهي،”مدني دَوري“ جي ذريعي علمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي،”مدني دَوري“ جي برڪت سان نفل اعتڪاف جي سعادت ملندي آهي، ”مدني دَوره“ مدني تربيت جو بهترين ذريعو آهي، ”مدني دَوري“ جي برڪت سان "سلام" جي سُنّت بہ عام ٿيندي آهي.”مدني دَوري“ ۾ نفس جي ڪاٽ ۽ تڪبُّر جو علاج بہ ڪري سگهجي ٿو، ”مدني دَوره“ مدني قافلو سفر ڪرائڻ جي مشين آهي.”مدني دَوره“ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي ترقي کي نمايان ڪري ٿو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اهڙو اَهمّ فَريضو آهي جو سيني ئي

www.dawateislami.net

اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام بلڪ خُود سيدُالانبياء، محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بہ انهيءَ مَقصَد جي لاءِ دُنيا ۾ موڪليو ويو، جيئن علاّمہ زُرقاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه شرح مواهب ۾فرمائن ٿا تہ خاص ڪري حج جي زماني ۾حضور نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارَڪ عادت هئي تہ اهلِ عرب جا پري پري کان آيل قبيلا جيڪي مڪي ۾ گڏ ٿيندا هئا، تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني قبيلن ۾ دورو فرمائي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا، اهڙي طرح عرب ۾ وقت بوقت گهڻا ئي ميلا لڳندا هئا جنهن ۾ پري پري کان قبيلا گڏ ٿيندا هئا، انهن ميلن ۾ بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تبليغ اسلام جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. (شرح المواهب، ذكر عرض المصطفٰى...الخ،۲/۷۳ ملخصاً) تنهنڪري اسان کي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ مدني دوري جي ترڪيب ڪرڻ گهرجي، هن مدني ڪم جي برڪت سان ڪيڏو نہ مدني انقلاب برپا ٿيندو آهي، اچو! هن باري ۾ ترغيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا،

## ”مدني دوري“ جي برڪت سان مسجد آباد ٿي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، سنّتن جي تربيت لاءِ دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول جو 12 ڏينهن جو مدني قافلو بابُ المدينہ (ڪراچي) کان پنجاب جي هڪ شهر ”سوهاوا“ جي هڪ مسجد ۾ پهتو، دروازي تي تالو لڳل هيو، جيئن تيئن ڪري چابي حاصل ڪري دروازو کوليو ويو تہ هر شيء مٽيءَ سان ڀريل هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند پئي آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان سيني گڏجي صفائي ڪئي، علاقائي دورو ڪري شهر جي ماڻهن کي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪري مسجد ۾ اچڻ جي التجا ڪئي - افسوس! اسان جي اخلاص جي گهٽتائي جي ڪري هڪ شخص بہ اسان سان گڏجي مسجد نہ آيو، پر اسان همت نہ هاري- اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ويجهو ئي راند جي ميدان ۾ وياسين ۽ ڊڄندي ڊڄندي راند ۾ مشغول نوجوانن جي خدمت ۾ نيڪي جي

www.dawateislami.net

دعوت پيش ڪئي سين- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي دل تي اثر ٿيو، ڪيترائي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏ آيا، مسجد اچي اسان سان گڏ نمازون پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، اسان جي گذارش تي انهن ان مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيّت ڪئي، اهو منظر ڏسي اتي موجود تقريبا 70 ورهين جا هڪ بزرگ روئي فرمائڻ لڳا، مان ته ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جي لاءِ گهڻو چوندو رهندو هئس پر منهنجي ڪو به نه ٻڌندو هو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي وئي آهي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار سان مدني دوري جي برڪت سان گڏوگڏ هن ڳالهه جو به بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۽ مسجد ڀريو تحريڪ ۾ اسان کي پنهنجو حصو ملائڻ جي ڪيتري قدر سخت ضرورت آهي، تنهنڪري اچو! هن نيڪي جي ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ هن مدني ماحول سان وابسته ٿيون بلڪ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سان بيعت ٿي سندن دامنِ ڪرم سان وابسته ٿيون، اولياءِ ڪاملين جي صحبت ۾ رهڻ ۽ انهن کان فيوض ۽ برڪات حاصل ڪرڻ يقيناً هڪ تمام وڏي نعمت آهي ڇاڪاڻ ته انهن جي صحبت ۾ رهڻ بلنديِ درجات ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ نجات جو سبب آهي، انهن جي صحبت جي برڪت سان انسان جو ظاهر ۽ باطن سنورجي ويندو آهي، علم ۽ عمل جو جذبو ملندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا نصيب ٿيندي آهي. پر ياد رکو! شيطان (Devil) ڪڏهن هي نه چاهيندو ته مسلمان الله وارن جي دامن ڪرم سان وابسته ٿي فضلِ خداوندي جا حقدار بڻجي وڃن. تنهنڪري هو ڪنهن به طرح انهن کي الله وارن کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي بلڪ

www.dawateislami.net

ڪڍهن تہ ان مقصد جي لاءِ اُنهن کي غرور ۽ تڪبُّر ۾ بہ مبتلا ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ ڪي ماڻهو هي سمجھندا آهن تہ اسان تہ ڪامل ۽ اڪمل ٿي ويا آهيون، هاڻي اسان کي وڌيڪ تربيت جي ضرورت ناهي، اسان جي معلومات بہ ٻين ماڻهن کان وڌيڪ آهي، ماڻهو اسان جي ساراهہ ڪن ٿا، اسان کي عقيدت سان سلام ڪن ٿا ۽ اڳيان پويان ٿيندا آهن، هاڻي اسان کي ڪنهن پير ۽ مرشد جي ضرورت ناهي ۽ اهڙي طرح اهي تڪبُّر جو شڪار ٿي ڪامل مرشد جي صحبت ۽ فيوض ۽ برڪات کان محروم ٿي ويندا آهن. اچو! هن باري ۾ هڪ عبرت ناڪ حڪايت ٻڌون ٿا،

## جنّت غائب ٿي وئي

حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ مريد کي اهو خيال ٿيو تہ مان ڪامل ٿي ويو آهيان ۽ هاڻي مون کي پير جي صحبت ۽ خدمت ۾ رهڻ جي ڪا حاجت ناهي رهي بلڪ منهنجي لاءِ اڪيلو رهڻ بهتر آهي. پوءِ هو اڪيلو رهڻ لڳو ۽ حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ ڇڏي ڏنائين. هڪ رات ان ڏٺائين تہ ڪجھہ ماڻهو هڪ اُٺ (Camel) ڪٺي آيا آهن ۽ ان کي چئي رهيا آهن تہ اهي ان کي وٺڻ آيا آهن تہ جيئن هو هي رات جنت ۾ گذاري. پوءِ اهي ماڻهو ان کي اُٺ تي سوار ڪري وٺي ويا ايستائين جو هڪ اهڙي هنڌ پهتا جيڪو گھڻو خوبصورت هو، اتي جي هر هر شيءِ مان خوبصورتي ظاهر هئي، نفيس کاڌن سان گڏوگڏ مني پاڻي جا چشما (Springs) بہ جاري هئا. هو صبح تائين اتي جا مزا ماڻيندو رهيو ۽ جڏهن صبح ٿي تہ ان پاڻ کي پنهنجي حُجري ۾ موجود ڏٺو. هي سلسلو اهڙي طرح ڪيئي ڏينهن تائين جاري رهيو جو ان کي هر رات ائين نظر ايندو هو تہ ملائڪ ان کي سُواري تي ويهاري جنّت جي سير ڪرائن ٿا ۽ طرح طرح جا ميوا ڪارائن ٿا ايستائين جو هو تڪبُّر ۽ غرور جو شڪار ٿي ويو ۽ اها دعويٰ ڪرڻ لڳو تہ ان جي

www.dawateislami.net

حالت ان ڪمال تائين پهچي چڪي آهي جو ان جون راتيون بہ جنّت ۾ گذرن ٿيون. ماڻهن ان جي خبر حضرت جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڏني تہ پاڻ ان وٽ ويا ۽ ڏٺائون تہ هو وڏي ٺٺ سان تڪبُّر ۾ آڪڙجي وينل آهي . پاڻ ان کان ڪيفيت معلوم ڪئي تہ ان وڏي فخر سان پنهنجي بلند مقام ۽ جنّت جي سير جو ذڪر ڪيو. پاڻ فرمايائون: اڄ جڏهن جنّت ۾ وڃو تہ 3 ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ پڙهجو. ان چيو: تمام سنو. پوءِ معمول مطابق جڏهن هو جنّت ۾ پهتو تہ ياد اچڻ تي رڳو تجربي طور ان 3 ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ پڙهيو. تہ ان کي وٺي ويندڙ سيئي ماڻهو رڙيون ڪري ڀڄي ويا ۽ هو ڏسي ٿو تہ جنّت هڪدم ان جي اکين وٽان غائب ٿي وئي ۽ هو نجاست ۽ گندگي واري هنڌ تي وينل آهي ۽ ان جي چئني پاسي مُردار هڏيون پيون آهن. انهيءَ وقت ان کي معلوم ٿيو تہ هي هڪ شيطاني چار هو ۽ مان ان چار ۾ گرفتار هئس. هڪدم توبہ ڪئي ۽ پنهنجي پير ۽ مرشِد سَيدُ الطَّائِفَہ حضرت سَيدُنا جُنيد بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو. (ڪشف المحجوب،باب آدابهم في الصحبة،ص ٣٧٧-٣٧٨ ملخصا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان هي مدني گل حاصل ٿيا تہ اگرچہ اسان گهڻا ئي نيڪ هجون، هر دلعزيز هجون، ماڻهو اسان جي اڳيان پويان گهمندا هجن ۽ برملا اسان سان پنهنجي عقيدت (Affection)جو اظهار ڪندا هجن پر اسان کي گهرجي تہ تمام اوليائن سڳورن جو ادب ۽ احترام ڪريون ۽ هر گز هرگز پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پير ۽ مرشد جي سامهون نہ ڀيهاريون بلڪ پنهنجي شهرت ۽ نالي جي مقابلي ۾ انهن جي صحبت ۾ حاضري ۽ انهن جي قدم بوسي کي ئي عظيم سعادت سمجهون، تڪبُّر جي آفت کان اللهُ عَزَّ وَجَلَّ جي پناهہ گهرون ۽ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ جو شڪر ادا ڪريون تہ جنهن اسان کي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ۽ باني دعوتِ اسلامي،اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو دامنِ

www.dawateislami.net

ڪرم عطا فرمايو، جنهن جي ذريعي بهترين اسلامي نقوش تي اسان جي تربيت جو سلسلو جاري رهي ٿو.

مجھ ناتواں پہ کردو مرشِد کرم خدارا دے دو مجھے سہارا دے دو مجھے سہارا
شدّت کی بے بسی ہے سخت آفتوں نے گھیرا کردو کرم خدارا دے دو مجھے سہارا
(عطاری ہوں عطاری ،۴۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلِس جج ۽ وڪيل (Judges And Wokala)

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قُرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي گهٽ وڌ 104 شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو مدني پَيغام عام ڪري رهي آهي، اتي ''وَڪالت'' (Advocacy) سان وابسته ماڻهن جي اِصلاح جي لاءِ "مَجلِسِ ججز اينڊ وڪلا"(جج ۽ وڪيل) جي ذُريعي انهن کي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ڪندي، هن مَدَني مَقصَد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي۔ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ" جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ ۽ فڪرِ آخِرت جو مَدَني ذِهن ڏيڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هن شعبي جي عاشقانِ رسول جي گهرن، دفترن، بار ايسوسي ايشن وغيره ۾ وقت بوقت "مدني حلقن" جو سلسلو ٿيندو رهندو آهي، هن شعبي جا عاشقانِ رسول هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ به شرڪت جي سعادت حاصل ڪن ٿا. مجلس مدرسة المدينہ بالغان جي ڪوشش سان هن شعبي سان وابسته ماڻهن کي به "تعليمِ قرآن" جي روشني سان منورڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينه بالغان جي ترڪيب ٿيندي آهي، جنهن ۾ قرآنِ ڪريم جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي. الله تعالیٰ مجلسِ ججز اينڊ وڪلاء کي وڌيڪ ترقيون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان تڪبُّر جي تباھ ڪارين بابت پڙھو تہ ھي دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان جو سبب آھي، تنھنڪري اسان کي ھن کان ڇوٽڪاري جي سخت ضرورت آھي ۽ جھڙي طرح جسماني بيماري جي علاج جي لاءِ اسان مختلف تدبيرون اختيار ڪريون ٿا اھڙي طرح بلڪ ان کان بہ وڌيڪ تڪبُّر جھڙي باطني ۽ رُوحاني بيماري جي علاج جي فڪر ڪندي ان جي لاءِ بہ عملي قدم کڻڻ گھرجن.

اچو! تڪبُّر کان نجات ماڻڻ جي لاءِ ڪجھ مدني گل پڙھو ۽ عمل جي ڪوشش ڪريو.

## تڪبُّر کان نجات جا ڪجھ مدني گل

❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ ھِن طرح فِڪرِ مدينہ (يعني پنھنجو محاسبو) ڪريو تہ سڀاڻي جڏھن حشر ٿيندو ۽ ھر ھڪ پنھنجي عملن جو حساب ڏيندو تہ مون کي بہ ربِّ ذوالجلال جي بارگاھ ۾ پنھنجي عملن جو حساب ڏيڻو پوندو، جيڪڏھن تڪبر جي ڪري منھنجو ربّ عَزَّ وَجَلَّ مون کان ناراض ٿي ويو ۽ مون کي جھنم ۾ اُڇلايو ويو تہ اھو ھيبتناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگھندس؟ اھڙي طرح پنھنجو محاسبو (Self accountability) ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تڪبُّر کان بچڻ ۾ ڪافي مدد ملندي.

❀ تڪبُّر ۽ ٻين بُرائين کان نجات جي لاءِ دُعا جو سھارو وٺو ڇوتہ دُعا مومن جو ھٿيار آھي. تنھنڪري دُعا ڪريو تہ يا اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ! آئون نيڪ ٻڻجڻ چاھيان

www.dawateislami.net

تو، تڪبر کان جان ڇڏائڻ چاھيان ٿو پر نفس ۽ شيطان مون کي قابو ۾ رکيو آھي، اي منھنجا مالڪ مون کي انھن جي مقابلي ۾ ڪاميابي عطا فرما، مون کي نيڪ بڻائي، عاجزي جو پيڪر بڻائي ڇڏ.

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں — کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ
رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس وشیطاں سے — تِرے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یاربّ
گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لا تعداد — مُعاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ
میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں — حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یاربّ

(وسائلِ بخشش مرمم،٧٨)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

❀ تڪبُّر کان بچڻ جي لاءِ پنھنجي عيبن تي نظر رکڻ تمام فائديمند آھي ۽ پنھنجي عادتن ۽ طور طريقن کي تقويٰ ذريعي زينت ڏيڻ عيبن ۽ خامين جي سجاڳپ جي لاءِ گھڻو مددگار آھي. ❀ تڪبُّر جو ھڪ عِلاج ھي بہ آھي تہ جڏھن تڪبُّر ۾ مبتلا ھئڻ جو انديشو ھجي تہ پاڻھو ان جي نقصان ۽ عذابن تي خوب غور ڪري تہ جيئن ان جي اندر ان ھلاڪت خيز عمل يعني تڪبُّر کان بچڻ جو جذبو پيدا ٿئي. ❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ عاجِزي اختيار ڪرڻ ۽ مسڪينن سان گڏ ويھڻ بيحد مُفيد آھي، عاجزي تڪبُّر جي ضد آھي، عاجزي سان لبريز دل ۾ تڪبُّر جي لاءِ ڪا گُنجائش ناھي. جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آھي:تواضُع (يعني عاجزي) اختيار ڪريو ۽ مسڪينن سان گڏ ويھندا ڪريو **الله** عَزَّوَجَلَّ جا وڏي مرتبي وارا پاڻھا بڻجي ويندوء ۽ تڪبر کان بہ آزاد ٿي ويندو. (ڪنزالعمال، ڪتاب الاخلاق ، قسم الاقوال،جزء ٢،٤٩/١،حديث:٥٧٢٢) ❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ ھر مسلمان کي

www.dawateislami.net

سلام ڪريو بلڪ سلام ۾ اڳرائي ڪريو، امير هجي يا غريب، وڏو هجي يا ننڍو. اسان جا مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته ٻارن کي به سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا. حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪجهه ڇوڪرن وٽان گذريا ته انهن کي سلام ڪيائون، پوءِ فرمايائون: ”رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ائين ئي ڪندا هئا. (بخارى ،كتاب الاستئذان،باب تسليم على الصبيان،۴/۱۷۰،حديث:۶۲۴۷) ❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ پنهنجا ڪم پنهنجي هٿ سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پنهنجو سامان پاڻ کڻو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن پنهنجو سامان پاڻ کڻي ورتو، اهو تڪبُّر کان آزاد ٿي ويو. (شعب الايمان، باب فى حسن الخلق، فصل فى التواضع،۶/۲۹۲، حديث: ۸۲۰۱) ❀ اهڙي طرح صدقو ۽ خيرات ڪرڻ به دل ۾ مسلمانن جي همدردي پيدا ڪرڻ ۽ تڪبُّر کان بچڻ جو ذريعو آهي. فرمانِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مسلمان جو صدقو عمر ۾ اضافي جو سبب ۽ بُري موت کان بچائي ٿو ۽ **الله** تعاليٰ ان جي سبب سان تڪبُّر ۽ فخر کي دور فرمائي ڇڏي ٿو. (مجمع الزوائد ،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،۳/۲۸۴، حديث:۴۶۰۹) ❀تڪبُّر کان نجات جو هڪ طريقو هي به آهي ته جڏهن ڪنهن سان اختلافِ راءِ ٿئي، پوءِ اوهان تي ظاهر ٿئي ته اهو حق تي آهي ته ضد ڪرڻ جي بدران مڃي وٺو، پوءِ اُن جي سامهون اِن ڳالهه جو اعتراف ڪندي حق جي بيان تي اُن جي تعريف به ڪريو ته ”اوهان درست فرمائي رهيا آهيو **الله** تعاليٰ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي.“ حق جي اعتراف جو اهو اقرار باوجود ان جي جو نفس تي تمام گهڻو دشوار آهي، پر لاڳيتو ائين ڪرڻ سان حق جو اعتراف ڪرڻ اوهان جي عادت بڻجي ويندي ۽ ان جي برڪت سان تڪبُّر کان به جان ڇٽي ويندي. ❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ پنهنجي ساٿين سان گڏ هجو يا ڪنهن محفل ۾، ڪڏهن به ان خواهش کي دل ۾ جڳهه نه ڏيو ته مون کي نمايان حيثيت ڏني وڃي، مٿانهين جڳهه تي ويهاريو وڃي، منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو وڃي. ها! ڪنهن پاڻ ئي اوهان کي نمايان جڳهه تي ويهڻ جي درخواست ڪئي ته قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

www.dawateislami.net

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا موليٰ عليُّ المرتضٰي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم ڪِٿي تشريف فرما ٿيا ميزبان سندن لاءِ مسند (يعني تخت) ڪٽي آيو، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان تي رونق افروز ٿيا ۽ فرمايائون: ڪو گڏهه ئي عزت جي ڳالهه قبول نه ڪندو. (فتاوٰی رضويه، ۷۲۰/۲۳) ❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ ٻين کي پاڻ وٽ سڏڻ جي بدران ان نفس جي تڪبُّر کي ختم ڪرڻ جي لاءِ حتَّي الامڪان پاڻ هلي ملاقات لاءِ وڃو.❀ تڪبُّر کان نجات جي لاءِ غريبن جي دعوت به قبول ڪريو. صِرف اميرن سان تعلُّق وڌائڻ ۽ انهن وٽ دعوتن تي وڃڻ جا عادي نه ٿيو بلڪ پنهنجي سڃاڻپ وارن ۾ غريبن کي به شامل ڪريو ۽ جڏهن اهي اوهان کي دعوت ڏين ته قَبول ڪريو. ❀ تڪبُّر کان نجات جي غرض سان لباس ۾ سادگي اختيار ڪريو. صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکن ٿا: تڪبر جي طور تي جيڪو لباس هجي اهو منع ٿيل آهي، تڪبر آهي يا نه ان جي سُڃاڻپ (Identify) ائين ڪري جو انهن ڪپڙن کي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت هئي جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ به اُها ئي حالت آهي ته خبر پئي ته انهن ڪپڙن سان تڪبر پيدا نه ٿيو، جيڪڏهن اها حالت هاڻي باقي نه رهي ته تڪبر اچي ويو، تنهنڪري اهڙي ڪپڙي کان بچي جو تڪبر ڏاڍي خراب صفت آهي. (بهارِ شريعت،حصّه ۴۰۹/۱۶،۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان تڪبُّر جو انجام ۽ مسلمانن کي حقير سمجهڻ جي مذمّت جي باري ۾ ٻڌو ته تڪبُّر ڪرڻ وارو شخص ڪوڙ بُرائين ۽ اُخروي آفتن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

❀ تڪبُّر ڪرڻ وارو جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو اهو ٻين جي لاءِ پسند نٿو ڪري.

❀ تڪبُّر ڪرڻ وارو عاجزي جهڙي عظيم خوبي کان محروم ٿي ويندو آهي.

❀ مسلمانن سان بغض ۽ ڪيني جي بدترين خصلت ان جي دل ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪندي آهي.

www.dawateislami.net

❀ تڪبُّر ان کي پنھنجي ڪوڙي عزّت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙ تي اپاريندو آھي.
❀ تڪبُّر ڪرڻ وارو غُصّي کان نٿو بچي سگھي.
❀ تڪبُّر ڪرڻ واري جي دل ۾ مسلمانن جي خير خواھي جو جذبو ناھي ھوندو.
❀ تڪبُّر ڪرڻ وارو بدنصيب نصيحت (Advice) قبول ڪرڻ پسند ناھي ڪندو.
❀ تڪبُّر جي عادت ان کي نيڪ ڪمن کان پري ۽ بُرن ڪمن تي مجبور ڪندي آھي.
❀ تڪبُّر ڪرڻ وارو نيڪ ماڻھن بلڪ بزرگن جي بہ صحبت کان پنھنجو پاڻ کي پري ڪندو آھي.
❀ تڪبُّر ڪرڻ واري جي وڏي بدنصيبي ھي آھي تہ تڪبُّر جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پسند ناھي ڪندو.

تنھنڪري اسان کي گھرجي تہ تڪبُّر کان بچڻ جا جيڪي علاج اسان ٻڌا، انھن جي مطابق پنھنجي پاڻ کي ھن آفت کان بچائڻ ۽ عاجزي اپنائڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ھي ڳالھ پيشِ نظر رکون تہ حديثِ پاڪ جي روشني ۾ رائي جي داڻي جي برابر بہ تڪبُّر سياڻي قيامت جي ڏينھن جنت ۾ داخلي کان رُڪاوٽ بڻجي ويندو.

الله عَزَّوَجَلَّ پنھنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طفيل اسان سيني کي غرور ۽ تڪبُّر جي آفت کان محفوظ فرمائي ۽ عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بڻائي ۽ مرڻ گھڙي تائين دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي عطا فرمائي ۽ ايمان ۽ عافيت سان مديني ۾ شھادت جي موت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

شعر سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا     جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سلام ڪرڻ جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو سلام جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌو ❀ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي ❀ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“ ❀ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❀ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ❀ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** عَزَّ وَجَلَّ جو مُقرّب آهي ❀ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان به بَري (آزاد) آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شُعَبُ الايمان ج۶ ص ۴۳۳) ❀ جواب ۾ وَعَلَيۡكُمُ السَّلَامُ وَ رَحۡمَةُ اللهِ وَ بَرَكَاتُه چئي 30 نيڪيون حاصِل ڪري سگهجن ٿيون ❀سلام جو جواب هڪدم ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجِب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي.

www.dawateislami.net

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] …افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] …القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

اڄ جي هفتہ وار مدني حلقن ۾ "**نماز قضا ڪرڻ ڪيئن آهي؟**" ان موضوع تي سکڻ سيکارڻ جو سلسلو ٿيندو ۽ "**بيت الخلاء کان ٻاهر اچڻ جي دعا**" ياد ڪرائي ويندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

**آخر ۾ مدني انعامات جي رسالي مان فڪرِ مدينہ ڪرائي وڃي.**

**(4) نماز قضا ڪرڻ**

هر مڪلّف يعني عاقل ۽ بالغ (مرد ۽ عورت ) تي نماز فرضِ عين آهي هن جي فرضيت جو منڪر ڪافر آهي. (بهار شريعت حصو ٽيون نماز جو بيان 443/1) هي ايمان ۽ اهلسنت و جماعت جي مطابق عقائد جي درستگي کان پوءِ تمام فرضن ۾ نهايت اهم ۽ اعظم فرض آهي. (بهار شريعت حصو ٽيون نماز جو بيان 433/1 بتغير قليل)

**نماز قضا ڪرڻ جي متعلق مختلف احڪام**

(1) بلا عذرِ شرعي نماز قضا ڪرڻ سخت گناهہ آهي ان تي فرض آهي تہ هن جي قضا پڙهي ۽ سچي دل سان توبہ ڪري توبهہ ٽڏهن (يعني انهي وقت) صحيح آهي جو قضا پڙهي (بهار شريعت حصو چوٿون قضا نماز جو بيان 700/1،ملتقطا) (2) جيڪو عقل سلامت هجڻ ۽ قدرت رکڻ جي باوجود ڄاڻي واڻي نماز يا روزو ڇڏي ڏي هرگز الله جو ولي نٿو ٿي سگهي. (فتاوي رضويه 409/14 ملخصا) (3) فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا ننڊ ۾ يا ويسر ۾ نماز قضا ٿي وئي تہ ان جي قضا پڙهڻي فرض آهي البت قضا جو گناه ان تي ناهي پر بيدار ٿيڻ ۽ ياد اچڻ تي جيڪڏهن وقت مڪروهہ نہ هجي تہ انهيءِ وقت پڙهي تاخير مڪروهہ آهي. (نماز جا احڪام قضا نمازن جو طريقو ص 327) (4) جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن ان جو جلد کان جلد پڙهڻ واجب آهي پر ٻار ٻچن جي پرورش ۽ پنهنجي ضروريات جي فراهمي جي سبب تاخير جائز آهي لهذا ڪارو بار بہ ڪندو رهي ۽ فرصت جو جيڪو وقت ملي ان ۾ قضا پڙهندو رهي ايتري تائين جو پوريون ٿي وڃن. (بهار شريعت حصو چوٿون قضا نماز جو بيان 706/1)

**مدني مشورو:** قضا ڪيل نماز پڙهڻ جو طريقو ۽ تفصيلي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ

شيخ طريقت، امير اھلسنت حضرت علاما ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي قضا نمازن جي طريقو جو مطالعو ڪيو.

فَخَلَفَ مِنۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ

اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

ترجموڪنز الايمان: پوءِ انھن جي پنيان انھن جي جاءِ تي اُھي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنھنجي خواھش جي پنيان لڳا عنقريب پوءِ اھي دوزخ ۾ غَي جو جھنگ ڏسندا. (پ 16 مريم:59)

غَي جھنّم ۾ ھڪ وادي آھي جنھن جي گرمي کان جھنّم جون واديون بہ پناہ گھرنديون آھن. (خزائن العرفان پ 16 مريم تحت الآية 59 ص 578)

**حديث شريف:** سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام کي فرمايو: اڄ رات بہ شخص (يعني حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت ميڪائيل عَلَيْهِ السَّلَام) مون وٽ آيا ۽ مون کي مقدّس زمين ۾ وٺي آيا مون ڏٺو تہ ھڪ شخص ليٽيل آھي ۽ ان جي مٿي کان ھڪ شخص پٿر ڪٽي بيٺو آھي ۽ پٿر سان ان جو مٿو ڪٽي (سٽي) رھيو آھي ھر ڀيري ڪچلڻ (سٽڻ) کان بعد مٿو وري صحيح ٿي پيو وڃي، مون فرشتن کي چيو سبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ ھي ڪير آھي؟ انھن عرض ڪيو اڳتي تشريف ڪٽي ھلو (وڌيڪ منظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فرشتن عرض ڪيو تہ پھريون شخص جيڪو اوھان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺو ھي اھو ھو جنھن قرآن پڑھيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو ھو ۽ فرض نمازن جي وقت سمھي رھندو ھو. (بخاري ڪتاب التعبير باب تعبير الروياوء بعد صلاة الصبح ص 1714 حديث 7047 )

**نماز قضا ٿيڻ جا 4 سبب**

بي نمازين جي صحبت (2) سستي ۽ ڪاھلي (3) مال جمع ڪرڻ جي حرص تہ اھڙا ماٺھو ڪاروبار وغيرہ ۾ مشغوليت جي سبب نماز پڑھڻ ۾ ڪوتاھي ڪندا

آهن (4) لهوولعب (کيڏڻ، کڏڻ) ۽ فضول ڪمن ۾ ڪثرت سان مشغوليت جو فضوليات ۾ پوڻ سان ماڻهوءَ جي دل مان پنهنجي قيمتي وقت ضائع ٿيڻ جو احساس ويندو رهندو آهي ۽ هو انهي جي فڪر ۾ هر وقت مدهوش رهندو آهي.

**نماز جو پابند بڻجڻ جي لاءِ**

◈ نماز جي پابند نيڪ پرهيزگار ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيو ۽ بري صحبت کي ترڪ ڪريو. ◈ نماز پڙهڻ جا فضائل ۽ برڪتون ۽ نماز ڇڏڻ جا عذاب پڙهو ٻڌو ۽ پنهنجي نازڪ بدن تي غور ڪيو ته نماز قضا ڪرڻ سبب جيڪڏهن هنن مان ڪو عذاب اسان تي مسلّط ڪيو ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو. ◈ هي ڳالهه ذهن ۾ چڱي طرح ويهاري ڇڏيو ته جيڪو رزق قسمت ۾ آهي اهو ملي رهندو ۽ تقدير کان وڌيڪ ڪنهن کي ڪجهه ناهي ملي سگهندو ته پوءِ مال جمع ڪرڻ جي حرص ۾ نماز ۾ سستي ڪرڻ ظاهري خسارو آهي. ◈ پاڻ کي فائدي واري ۽ ضروري ڪمن ۾ مصروف رکو ۽ غير ضروري ڪمن کان جان ڇڏايو.

**هفتيوار اجتماع جي مدني حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا**

دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي مدني حلقن ۾ هن ڀيري جدول جي مطابق بيت الخلا کان ٻاهر اچڻ کان پوءِ جي دعا ياد ڪرائي ويندي، دعا هي آهي:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡٓ اَذۡهَبَ عَنِّی الۡاَذٰی وَعَافَانِیۡ

ترجمو الله تعالٰي جو شڪر آهي جنهن مون کان اذيّت دور ڪئي ۽ مون کي عافيت ڏني. (مصنف ابن ابي شيبة كتاب الطهارات ما يقول اذا خرج من المخرج 16/1 حديث 4 )

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net